# سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريہ 1996

# S INDH ACT NO.XX OF 1996

# سنڌ مڪاني حڪومت(ٻي ترميم) ايڪٽ، 1996

# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 1996

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 10 جي ترميم
Amendment of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 14 جي ترميم
Amendment of section 14 of Sindh Ordinance XII of 1979

5. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of Sindh Ordinance XII of 1979

6. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 20 جي ترميم
Amendment of section 20 of Sindh Ordinance XII of 1979

7. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 23 جي ترميم

Amendment of section 23 of Sindh Ordinance XII of 1979

8. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 35 جي ترميم

Amendment of section 35 of Sindh Ordinance XII of 1979

9. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 37_A جي ترميم

Amendment of section 37_A of Sindh Ordinance XII of 1979

10. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 38 جي ترميم

Amendment of section 38 of Sindh Ordinance XII of 1979

11. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 39 جي ترميم

Amendment of section 39 of Sindh Ordinance XII of 1979

12. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 40 جي ترميم

Amendment of section 40 of Sindh Ordinance XII of 1979

13. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 100 جي ترميم

Amendment of section 100 of Sindh Ordinance XII of 1979

14. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول I جي ترميم

Amendment of Schedule I to the Sindh Ordinance XII of 1979

# سنڌ ايڪٽ نمبر XX مجريہ 1996

# SINDH ACT NO.XX OF 1996

## سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1996

## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 1996

[5 نومبر 1996]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 1996 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 3 جي ترميم
Amendment of section 3 of Sindh Ordinance XII of 1979

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايل آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 3 ۾:

(i) شق (14) ۾، ذيلي دفعہ (c) ۾، لفظن "يا هڪ يونين ڪائونسل" لاءِ لفظن "هڪ يونين ڪائونسل يا ديهہ پئنچائت" کي متبادل بڻايو ويندو؛

(ii) شق (15) ۾، لفظن "يا يونين ڪائونسل" لاءِ لفظن "يونين ڪائونسل يا ديهہ پئنچائت" کي متبادل بڻايو ويندو؛

(iii) شق (17) کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(17_A) "ديهہ" مطلب هڪ روينيو ديهہ؛"؛

(iv) شق (18) کانپوءِ، هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

"(18_A) "ديهہ پئنچائت" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ديهن لاءِ هڪ ديهہ پئنچائت؛"؛

(v) شق (47) ۾، لفظن "ڳوٺ يا" کي ختم ڪيو ويندو؛

(vi) شق (63) ۾ لفظ "ڪائونسل" کانپوءِ لفظن "يا هڪ ديهہ پئنچائت" کي شامل ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 10 جي ترميم

Amendment of section 10 of Sindh Ordinance XII of 1979

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 10 ۾:

(i) ذيلي دفعہ (1) جي شق (b) ۾، ذيلي شق (i) لاءِ، هيٺيون شقون شامل ڪيون وينديون:

"(i) هڪ يا هڪ کان وڌيڪ ديهن لاءِ هڪ ديهہ پئنچائت؛

(ii) هر يونين لاءِ هڪ يونين ڪائونسل؛"؛

(ii) ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن "يا هڪ ضلعي ڪائونسل" لاءِ ڪاما ۽ لفظن "، هڪ ضلعي ڪائونسل ۽ هڪ يونين ڪائونسل" کي متبادل بڻايو ويندو.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 14 جي ترميم

Amendment of section 14 of Sindh Ordinance XII of 1979

4. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 14 ۾، شقن (a) ۽ (b) لاءِ شرطيہ بيان سميت، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(a) ميمبرن جو اهڙو انگ جيڪو بيان ڪيل آهي يا شيڊول I تحت طئي ڪيو ويندو؛

(b) ميمبرن جو اهڙو انگ مقامي علائقن جي هارين، ڪرائي دارن، پورهيتن، عورتن يا اقليتي برادري جي ميمبرز جي نمائندگي ڪندو، جيئن حڪومت بيان ڪري؛

بشرطيڪ عورتن جي نمائندگي ڪندڙ ميمبرن جو انگ ٻن

ڪان گهٽ نہ هوندو.

5. چاڙهايل آرڊيننس جي دفعہ 16 ۾، ذيلي دفعہ (2) کانپوءِ، هيٺيون نيون ذيلي دفعات شامل ڪيون وينديون:

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 16 جي ترميم
Amendment of section 16 of Sindh Ordinance XII of 1979

"(2-A) جيستائين ڪجهہ ذيلي دفعات (1) ۽ (2) جي متضاد نہ هجي، حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي هڪ ڪائونسل يا ڪائونسلن کي مدو پورو ٿيڻ کان اڳ ذيلي دفعہ (1) تحت نيون چونڊون ڪرائڻ جي مقصد لاءِ تحليل ڪري سگهي ٿي.

(2-B) اهڙي تحليل ڪرڻ تي، ڪائونسل جا سمورا اختيار ۽ ڪم اهڙي ماڻهو يا اختياري طرفان سرانجام ڏنا ويندا جيئن حڪومت ان سلسلي ۾ ايڊمنسٽريٽر طور مقرر ڪري ۽ ڪائونسل سان لاڳاپيل فنڊس ۽ ملڪيت حڪومت حوالي ٿي ويندي جيستائين نئين ڪائونسل نہ جوڙي وڃي."

6. چاڙهايل آرڊيننس جي دفعہ 20 جي ذيلي دفعہ (1) ۾ فل اسٽاپ کان اڳ ۾ لفظ "يا ضلعي ڪائونسل يا ديهہ پنچائت جي ميمبر ڏانهن چيئرمين ٿيڻ تي يا، جيئن معاملو هجي، يونين ڪائونسل جو ميمبر" شامل ڪيا ويندا.

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 20 جي ترميم
Amendment of section 20 of Sindh Ordinance XII of 1979

7. چاڙهايل آرڊيننس جي دفعہ 23 ۾، آخر ۾ اينڊ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيان شرطيہ بيان شامل ڪيا ويندا:

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 23 جي ترميم
Amendment of

"بشرطيڪ ديهہ پنچائت جو چيئرمين ديهہ پنچائت جو

section 23 of Sindh Ordinance XII of 1979

اهڙو ميمبر هوندو جيڪو عمر ۾ سڀ کان وڏو هجي ۽ جتي هڪ کان وڌيڪ ميمبر ساڳي عمر جا آهن، ته چيئرمين اهڙن ميمبرن منجهان قرعه اندازي ذريعي چونڊيو ويندو.

بشرطيڪ وڌيڪ ته يونين ڪائونسل جو چيئرمين ضلعي ڪائونسل جو اهڙو ميمبر هوندو جيڪو اهڙي يونين ڪائونسل جي مقامي ايراضي منجهان چونڊيو ويو هجي."

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 35 جي ترميم

Amendment of section 35 of Sindh Ordinance XII of 1979

8. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 35 ۾، ذيلي دفعه (2) لاءِ هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"(2) اليڪشن اٿارٽي کي ذيلي دفعه (1) تحت چونڊ فهرستن کي جامع بڻائڻ جو اختيار هوندو ۽ ان کي اهڙيون چونڊ فهرستون هر اليڪٽورل يونٽ لاءِ ڌار چونڊ فهرستن طور ورهائڻ جو انتظام ڪرڻو پوندو."

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 37_A جي ترميم

Amendment of section 37_A of Sindh Ordinance XII of 1979

9. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 37_A ۾، ذيلي دفعه (1) لاءِ، ان جي شرطيه بيان سميت، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:

"37_A(A) هن آرڊيننس جي ڪنهن ٻي گنجائش متضاد هجڻ ڪانسواءِ يونين ڪائونسل جي چونڊ ۾ حصو وٺندڙ ڪو شخص مقامي، نسلي، قبيلائي، فرقيوارانو يا صوبائي نعرو بلند نه ڪندو:

بشرطيڪ ديهه پئنچائت جي چونڊن ۾ حصو وٺندڙ ڪو شخص اهڙي چونڊ جي مقصد لاءِ ڪنهن سياسي پارٽي جو نالو جهنڊو، نشان يا ٽڪيٽ استعمال نه ڪندو يا ان جو پليٽفارم استعمال نه ڪندو پر ڪو به اميدوار فقط هڪ سياسي پارٽي جو رڪن هئڻ جي بنياد تي چونڊن ۾ حصو وٺڻ کان نااهل قرار نه ڏنو ويندو."

| | |
|---|---|
| 10. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 38 جي ذيلي دفعه (2) ۾، لفظن ۽ ڪاما "يا هاري، سواءِ" لاءِ ڪاما ۽ لفظن "هاري يا" ڪي متبادل ڪيو ويندو. | 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 38 جي ترميم<br>Amendment of section 38 of Sindh Ordinance XII of 1979 |
| 11. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 39 لاءِ، هيٺين ريت متبادل ڪيو ويندو:<br>"39 (1) هن آرڊيننس تحت سمورين چونڊن جو انتظام ۽ انعقاد قاعدن موجب ڪيو ويندو.<br>(2) اليڪشن اٿارٽي، سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، اهڙو ماڻهو مقرر ڪري سگهي ٿي جيڪو سرڪاري ملازم هجي يا سرڪاري ملازمت ۾ رهيو هجي، جيڪو اهڙي ايراضي لاءِ اليڪشن ٽربيونل هوندو، جيئن نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.<br>(3) جتي اليڪشن ٽربيونل جوڙيندڙ شخص جي ڪو ٻيو شخص جاءِ وٺي ٿو ته، پٽيشن جو ٽرائل اهڙيءَ ريت جاءِ وٺندڙ شخص سامهون جاري رهندو ۽ اڳوات رڪارڊ ڪيل ڪا شاهدي رڪارڊ تي رهندي ۽ اهو ضروري نه هوندو ته شاهدي ٻيهر ورتي وڃي جيڪا اڳوات ورتي وئي آهي.<br>(4) اليڪشن اٿارٽي پنهنجي تحرڪ تي يا ان سلسلي ۾ ڪنهن ڌر طرفان درخواست تي، ڪنهن به وقت تي، اليڪشن پٽيشن کي صوبي ۾ هڪ ٽربيونل کان ٻي ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿي، ۽ ٽربيونل جنهن ڏانهن پٽيشن | 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 39 جي ترميم<br>Amendment of section 39 of Sindh Ordinance XII of 1979 |

منتقل ڪئي وئي آهي، اها پٽيشن تي ان وقت کان ٽرائل شروع ڪندي جڏهن کان اها منتقل ڪئي وئي آهي.
بشرطيڪ ٽربيونل جنهن ڏانهن اليڪشن پٽيشن اهڙيءَ ريت منتقل ڪئي وئي اهي، جيڪڏهن اها مناسب سمجهي، اڳواٽ ورتل شاهدي جي ٻيهر جاچ پڙتال ڪري سگهي ٿي.
(5) اليڪشن اٿارٽي ۽ اليڪشن ٽربيونل کي ڪوڊ آف سول پروسيجر، 1908 تحت سول ڪورٽ جا سمورا اختيار حاصل هوندا ۽ ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر جي دفعات 480 ۽ 482 جي مقصد لاءِ اهڙيون عدالتون سمجهيا ويندا.
(6) اليڪشن اٿارٽي قاعدا جوڙي سگهي ٿي، ان سلسلي ۾ ته ڪيئن اليڪشن پٽيشن پيش ڪئي ويندي ۽ اليڪشن ٽربيونل طرفان ٻڌڻي ڪئي ويندي ۽ ان ۾ ان جا سبب پڻ ڄاڻائيندي ۽ بنياد جن تحت غور ڪري اليڪشن پٽيشن جو اڪلاءُ ڪيو ويندو.
(7) چونڊن دوران ڪيل ڏوهه ۽ غير قانوني ۽ ڪرپٽ عمل ۽ ڏنڊ ان سلسلي ۾، ڪائونسل ۾ چونڊ جي مقصد لاءِ، ساڳيءَ ريت فراهم ڪيا ويندا جيئن صوبائي اسيمبلي جي چونڊن ۾ وقتي طور لاڳو هوندا."

1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعه 40 جي ترميم
Amendment of section 40 of Sindh Ordinance

12. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعه 40 ۾، ذيلي دفعه (4) کانپوءِ هيٺيون نئون دفعه شامل ڪيو ويندو:
"(5) حڪومت جي ڪنهن هدايت موجب، هڪ ديهه پنچائت اهڙا اختيار استعمال ڪندي ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندي جيڪي هڪ پنچائت طرفان هڪ شهري علائقي ۾ ڪيا ۽ سرانجام ڏنا ويندا آهن ۽ هن آرڊيننس

| | |
|---|---|
| جون لاڳاپيل گنجائشون ۽ قاعدا ۽ مول متا ديھہ پئنچائت تي لاڳو ٿيندا.”. | XII of 1979 |
| 13. ڄاڻايل آرڊيننس جي دفعہ 100 ۾:<br>(a) ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظن “ھڪ هزار” لاءِ لفظن “ٻہ هزار” ۽ لفظن “ڇھہ مهينا” لاءِ لفظن “ھڪ سال” کي ترتيبوار متبادل بڻايو ويندو.<br>(b) ذيلي دفعہ (2) ۾، لفظن “پنج سئو” لاءِ لفظن “ھڪ هزار” ۽ لفظن “پنجاھہ رپيا” لاءِ لفظن “ھڪ سئو رپيا” کي ترتيبوار متبادل بڻايو ويندو. | 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي دفعہ 100 جي ترميم<br>Amendment of section 100 of Sindh Ordinance XII of 1979 |
| 14. ڄاڻايل آرڊيننس ۾ شيڊول I ۾ پيرا A-1 کان 4 تائين ۽ ان جي هيٺان نوٽ ۾، هيٺين ريت متبادل بڻايو ويندو:<br>“2. ڪراچي ميٽرو پوليٽن ڪارپوريشن ڪانسواءِ ڪائونسلز. ميمبرن جو اھڙو انگ جيئن حڪومت طئي ڪري:<br>بشرطيڪ ھڪ يونين ڪائونسل ۾ هر ديھہ پئنچائت مان ھڪ ميمبر جنھن ديھہ پئنچائت جي چونڊن ۾ سڀ کان وڌيڪ ووٽ کنيا هجن، اھو ان يونين ڪائونسل جو ميمبر ٿيندو:<br>بشرطيڪ وڌيڪ تہ جتي ھڪ کان وڌيڪ ميمبرن ھڪ جيترا ووٽ کنيا هجن يا جتي ھڪ ديھہ پئنچائت ۾ بنا مخالفت جي چونڊجي وئي هجي، يونين ڪائونسل ۾ اهڙي ديھہ پئنچائت جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ ميمبر ديھہ پئنچائت جي ميمبرن منجهان قرعہ اندازي ذريعي چونڊيو ويندو. | 1979 جي سنڌ آرڊيننس XII جي شيڊول I جي ترميم<br>Amendment of Schedule I to the Sindh Ordinance XII of 1979 |

بشرطيڪ اهو بہ تہ ديهہ پئنچائت جي جي صورت ۾ ڪنٽرولنگ اٿارٽي، ديهہ پئنچائت جي ميمبرن لاءِ ماڻهن جو اهڙو انگ رکي سگهي ٿي، جيئن اها مناسب سمجهي پر اهڙن ميمبرن کي ووٽ جو حق حاصل نہ هوندو.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**